ڊاڪٽر الطاف جوکيو

# واؤ اشمام/ معدولہ پٺاندر ’خ‘ تي اعراب جو معاملو

***Abstract:***

Language planning, especially corpus planning in Sindhi language has remained untouched so far, for which plenty of language related issues never got simplified. Recently, a query related to proper diacritical mark on letter ‘خ’of word ‘خواب’was made by Assistant Professor Zaraar Rustamani, who is working on the literature of Molvi Ahmed Mallah, regarding Sindhi Orthography. The diacritical mark of ‘خ’in the word ‘خواب’varies in dictionaries of Sindhi language, such as: ‘Pesh, Zabar and Jazam’. Actually, the function of ‘wao Ishmam/ maadoola’ is to connect the ‘خ’letter used before it with the vowel letter used after it. It is observed through studies that after letter ‘خ’every ‘و’is not ishmam/ madoolah, as in: ‘خُون’or ‘خُوب’Wao Ishmam/ Maadoola’ acts only when it is followed by letters: ) ن, ش, س, ز, ر, د, ا Nasal Vowel), ه and ي. Due to the presence of ‘wao ishmam/ madoolah’ in a word a diacritical mark may not be used for letter ‘خ’.

## ابياس جو پسمنظر:

سنڌي صورتخطيءَ جي حوالي سان اسسٽنٽ پروفيسر، ضرار رستماڻيءَ هڪ سوال پڇيو تہ: ”ڪنهن لفظ ۾ ڪم آندل ’واؤ معدولہ‘، جهڙوڪ: ’خوش‘، ’خواب‘، ’خود‘، ’خواه مخواه‘ وغيره جي صورت ۾ اڳيئن اکر کي زبر ڏجي يا پيش؟ ڇاڪاڻ تہ لغتن ۾ بہ ’واؤ معدولہ‘ جي حوالي سان اعراب ۾ فرق اچي ٿو.“

ضرار رستماڻي، سنڌي ٻوليءَ جو اهو جاکوڙي ڪردار آهي، جنهن مولوي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





احمد ملاح جي قرآن شريف جي منظوم ترجمي جي صورتخطيءَ ۽ مولوي احمد ملاح جي ڪليات تي ڪافي ڪم ڪيو آهي. صاحب موصوف جي ان سوال، مون کي بہ چڪرائي ڇڏيو، تڪڙ ۾ مون بہ اهو ئي عرض رکيو تہ ان جو ابياس ڪرڻو پوندو، تڪڙو جواب مان نہ ٿو ڏئي سگهان!

مذڪوره لفظن تي جڏهن غور ڪجي ٿو تہ، ’واؤ معدولہ‘، ’خ‘ جي اکر/ آواز بعد ڪم اچي ٿو. لفظن ۾ اهڙي ’واؤ‘ سبب ڪڏهن ’آ‘ (مد) جو اچار ونجي ٿو، جيئن: خواب (خاب)، تہ ڪڏهن ’اُ‘ (پيش) جو آواز ونجي ٿو، جيئن: خوش (خُش)، ۽ وري ’خويش‘ ۾ ’خيش‘ جو اچار ونجي ٿو. سنڌي صورتخطيءَ جي لحاظ کان اهو هڪ اهم مسئلو سامهون اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اعراب جي خيال کان لغتن ۾ اختلاف آهي.

## ابياسي سوال:

صورتخطيءَ جي لحاظ کان واؤ اشمام/ معدولہ پٺاندر چند سوال پيدا ٿين ٿا:

- لفظ ’خواب‘ جي ’خ‘ تي ڪهڙي اعراب اچڻ گهرجي؟ جڏهن تہ ان جو آواز ’آ‘ اچارجي ٿو.
- لفظ ’خوش‘ جي ’خ‘ تي ڪهڙي اعراب ڏيڻ گهرجي؟ جڏهن تہ ان جو آواز ’اُ‘ اچارجي ٿو.
- لفظ ’خوب‘ جي ’خ‘ تي ڪهڙي اعراب ڏيڻ گهرجي؟ جڏهن تہ ان جو آواز ’اُو‘ اچارجي ٿو.
- لفظ ’خوراڪ‘ جي ’خ‘ تي ڪهڙي اعراب ڏيڻ گهرجي؟ جڏهن تہ ان جو آواز ’او‘ اچارجي ٿو.
- لفظ ’خويش‘ جي ’خ‘ تي ڪهڙي اعراب ڏيڻ گهرجي؟ جڏهن تہ ان جو آواز ’اي‘ اچارجي ٿو.

## ابياس جو طريقہ ڪار:

ڇاٽايل اصطلاح/ Terms جي لغتن مان اکيڙ ڪري، اهڙا لفظ چونڊيا ويندا، جن ۾ ’واؤ معدولہ‘ جو استعمال ٿئي ٿو، يا ’واؤ‘ معدولہ جو گمان رهي ٿو. اهڙن مليل لفظن جي اعراب جو ابياس ڪندي، نتيجو اخذ ڪيو ويندو.

## اپياس جو عمل:

واضح رهي تہ عربي- سنڌي صورتخطيءَ موجب، ’واؤ معروف‘ يا ’واؤ مجهول‘ جي اعرابَ رواج پٽاندڙ، ’واؤ‘ تي نہ، پر ان کان پهرين واري اکر/ وينجن تي ايندي آهي، جيئن: ’ڪُوڙُ- ڪُوڙِ‘. فارسي لفظ جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي چڪا آهن، تن ۾ ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ وارا لفظ بہ شامل آهن، جيئن: ’خوش- خويش‘. هتي صورتخطيءَ جي لحاظ کان ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ کان پهريان ايندڙ اکر ’خ‘ تي اعراب جو اپياس مقصود آهي.

## واؤ معدولہ بابت ڄاڻايل وضاحتون:

’واؤ‘ واڌاري ڪي مرزا قليچ بيگ ’واؤ اشمام‘ ۽ واحد بخش شيخ صاحب ’واؤ معدولہ‘ ڄاڻايو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسيءَ جا ڪافي لفظ ضم ٿي چڪا آهن، جن ۾ جنسي ’و‘ لکيو ويندو آهي، ليڪن پڙهڻ/ اچارڻ ۾ ’خ‘ جي آواز سببان ان (واؤ) جو آواز حذف ڪيو ويندو آهي؛ اهو ’و‘ جو آواز خود فارسيءَ وارا بہ حذف ڪندا آهن؛ جهڙوڪ: خواهش، خير خواه، خواب، خود، خويش، خوش، ان ڪي ’واو اشمام‘ چوندا آهن.(١)

واحد بخش شيخ صاحب ’واؤ‘ واڌاري لاءِ لکيو آهي تہ: ”اهو ’واؤ‘ جو لکڻ ۾ اچي پر پڙهڻ ۾ نہ، تنهن ڪي ’واؤ معدولہ‘ چئبو آهي، مثلاً: خواب، خواهش، خود، خوش وغيره.“(٢)

دراصل، فارسيءَ ۾ ’خ‘ جي آواز ۾ اهڙي نراليت رکيل آهي، جيڪا ڪنهن آواز تي اثر انداز ٿيندي آهي يا پنهنجي صورت مٽائيندي آهي؛ خاص طور ’مصدرن‘ ۾ آيل ’خ‘ جو آواز، اسم فاعل جي صورت ۾ ’ز‘ ۾ تبديل ٿيندو آهي، جيئن: مصدر ’باختن‘ (ڪيڏڻ) مان اسم فاعل جي صورت ۾ ’پتي باز‘، ’بلي باز‘؛ مصدر ’انگيختن‘ (ڪڙو ڪرڻ) مان ’حيرت انگيز‘، ’اشتعال انگيز‘ وغيره. ايراني ٻولين ۾ ’خ‘ لهجاتي فرق سبب ’ش‘ ۾ بہ تبديل ٿيندو آهي، جيئن: پختون > پشتون وغيره.

بهرحال، سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسيءَ جي اثر وارو ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ لکبو آهي، ليڪن اچاريو نہ ويندو آهي؛ اها عادت، فارسي لفظن سبب، سنڌي ٻولي ۽ صورتخطيءَ ۾ بہ عام ٿي چڪي آهي. مذڪوره اصطلاح: ’اشمام ۽ معدولہ‘ لغتن ۾





هيٺين ريت ڏنل آهي:

## اشمام:

جامع سنڌي لغات ۾ ’اشمام‘ جي معنيٰ هيٺين ريت ڏنل آهي:

- اِشمامُ: ذ[ع. اِشمامُ = سنگهائڻ] عطر افشاني.
- اِشمامِ ضُمّہ: ذ ’خ، د ۽ ش‘ جي وچ ۾ واؤ جو آواز گم ٿيڻ ۽ پيش جو آواز حاصل ڪرڻ (جيئن: ’خود‘ = خُد، ’خُوش‘ = خُش).
- اِشمامِ فَتحہ: ذ. (جيئن: خواب = خاب، خواهش = خاهِش).
- اِشمام ڪَسره: (جيئن: خويش = خيش)(٣)

## معدولہ:

- معدولہ (ع) صفت واوَ (و) جو لکھنے میں آئے اور پڑھنے میں نہ آئے۔ جیسے خویش کا واوَ۔(۴)
- معدولہ (ع) اسم مذکر۔ وہ حرف جو لکھنے میں تو آئے مگر پڑھنے میں نہ آئے لیکن یہ بات خاص واوَ کے واسطے مخصوص ہے جیسے خویش خود کی واوَ ہے، جسے واوَ معدولہ کہتے ہیں۔(۵)

لفظ ’معدولہ‘ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ’مفعول‘ جي صورت ۾ آهي، جنهن جي آخر ۾ ’ۃ‘ تانيث لڳل آهي، جيڪا عربي ٻوليءَ جي نسبت، مؤنث کان سواءِ ٻين صفت لفظن سان بہ لڳندي آهي. هن جو بنياد/ مادو، ’عدل‘ مان آهي، ليڪن هتي ’عدل‘ جي معنيٰ اها ناهي جيڪا عام طور ’انصاف‘ واري ورتي وڃي ٿي. فيروز اللغات عربي- اردو ۾ هن جي معنيٰ هيٺين ريت ڏنل آهي:

فیروز اللغات: عَدَلَ (بوزن: ضَرَبَ) واپس ہونا۔ ہٹنا۔ واپس آنا۔۔۔(٦)

جامع القواعد: بعض کلموں میں دو واوَ پڑھے جاتے ہیں۔ مگر لکھنے میں ایک ہی آتا ہے۔ جیسے طاؤس۔ کاؤس۔ واوَ معدولہ ہمیشہ خ کے بعد آتا ہے۔ اور فقط لکھا جاتا ہے۔ پڑھنے میں آدھی زیر آدھی پیش معلوم ہوتی ہے۔ اس وقت اس کے بعد ا۔ د۔ ر۔ ز۔ س۔ ش۔ ن۔ ہ۔ ی۔ میں سے کوئی حرف ضرور ہوتا ہے۔ مثلاً خواب۔ خواجہ۔ خوارزم۔

د۔ جیسے خود۔

ر۔ جیسے خور۔ خورد۔ خورشید۔

ز۔ جیسے خورزم (ابر)

س۔ جیسے آب خوست۔

ش۔ جیسے خوش

ن۔ جیسے آخوند

ہ۔ جیسے خوہلہ۔ خوہل۔

یاے معروف ہو تو پیش مائل بہ کسرہ یا کسرہ پڑھتے ہیں۔ مثلاً خویش۔ خوید۔ اور کبھی خوید کو بوزن عید بھی پڑھتے ہیں۔ (گیہوں کی کچھ کھیتی جو گھوڑوں کو کھلاتے ہیں۔) یاے مجہول میں وہی آدھی پیش۔ آدھی زیر۔ مثلاً خوی۔ خوے۔ خوگیر۔ مگر یہ بھی یاد رکھو کہ ان کا قافیہ حرف مفتوحہ کے ساتھ آتا ہے۔ چناچہ خور کا قافیہ زر اور خوش کا قافیہ دلکش آئیگا۔ بعض الفاظ مثلاً خرم۔ خورشید۔ خوردہ وغیرہ باواؤ اور بے واؤ دونون طرح لکھنے جائز ہیں۔(۷)

لفظ ’معدولہ‘ مان مراد اهڙو اکر جنهن جي آواز کي هٽائي ڇڏجي. جيئن شمسي- قمري اکرن سان ’ال‘ جو آواز ونبو يا هٽائبو آهي. سنڌي لغتن ۾ لفظ ’معدولہ‘ نہ ٿو ملي؛ البت، اهڙي ’واؤ‘ لاءِ اشمام جو لفظ ڪم آندل آهي. هيٺ، لغتن مان اهي لفظ ڳولهجن ٿا جيڪي ’خو‘ بعد پيو اکر بہ شامل رهي ٿو:

## جامع سنڌي لغات:

- خُوابُ ج خُوابَ: ذ[ف]. ننڊ ۾ ڏٺل نظارو- سپنو...
- خَوابُ آلُودَه: ذ. صفت. [ف. آلودن = رَل مِل ڪرڻ]. ننڊاکڙو- خماريل...
- خَوابُ خِيالُ ج خَواب خِيالَ: ذ. وهم گمان- ويچار...
- خَواجو ج خَواجا: ذ. [ف. خواجہ = سردار] مالڪ- ڌڻي...
- خَوارُ: صفت. [ف. خوردن = کائڻ]کائيندڙ- کائڪ- کائُو. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ جيئن تہ: شير خوار وغيره. پيئندڙ- پياڪُ، جيئن تہ: شراب خور، خونخوار وغيره.
- خُوارُ ج خُوارَ: ذ. صفت. [ف]بدنام- بي عزت- بي مانُ...
- خَواستہ: گهربيل (خدا نخواستہ = خدا نہ گهُري يا خدا نہ ڪري).





- خَوانُ: ذ [ف] ماني يا طعام ڪٽي وڃڻ جو ٿانءُ- ڪاٺي رڪڻ جو ٿالهہ- طباق- طشت- دسترخوان.
- خَوان: صفت [ف. خواندن = پڙهڻ] پڙهندڙ. ڳائيندڙ. مرڪبات جي آخر ۾ ٿو اچي؛ جيئن: ثنا خوان، مدح خوان، نوحہ خوان وغيره.
- خَواندو: ذ. صفت. [ف. خوانده= پڙهيل]تعليم يافتہ- عالم...
- خَواه: صفت. [ف. خواستن = گهرڻ] گهرندڙ- گهورو- چاهيندڙ- طلبگار- طالبو- خواهشمند. مڪربات جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ؛ جيئن: ’خيرخواه، بدخواه وغيره‘....
- خَواه مَخَواه: ظرف. هروڀرو- اجايو...
- خَواهَش ج خَواهَشُون: ث. [ف. خواستن= گهرڻ] گهُر- طلب...
- خُوبُ ج خُوبُ: ذ. صفت. [ف] چڱو- سنو...
- خوجو ج خوجا: ذ. صفت. ڪڌڙو- مُخنثُ-
- خُود: ضمير. [ف] پاڻ- پِنڊ...
- خُود ڪُشي: ث. پاڻ کي مارڻ جي حالت- آپ گهات- آتم هَتيا.
- خُودُ ج خُودَ: ذ. [ف] لڙائيءَ ۾ مٿي جي بچاءَ لاءِ ڪم ايندڙ هڪ قسم جي لوهي ٽوپي يا ٽوپ- لوه جو هول...
- خُورُ: ذ. [ف. خورشيد مان تخفيف ٿيل] سج- آفتاب...
- خورُ ج خورَ: صفت. [ف. خوردن منجهان امر جو صيغو] ڪائيندڙ. مرڪبات ۾ استعمال ٿئي ٿو، جيئن: گوشت خور، رشوت خور، حرام خور وغيره.
- خورَاڪَ ج خوراڪُون: ث. [ف. خوردن =ڪائڻ]ڪائڻ جي شيءِ- ڪاڌو...
- خُوردبِينِي ج خُوردبِينِيُون: ث. ننڍين شين کي وڏائي وڏو ڪري ڏيکاريندڙ اوزار.

- خُورشيدُ: ذ. [ف] سج- سورج...
- خُوش: صفت. [ف. خُش = سرهو] سرهو- راضي...
- خُوشبُو ج خوشبُويون: ث سٺي بانس- وٽندڙ بوءِ...
- خَول ج خَولَ: ذ [ف] مٿيون غلاف (تلوار وغيره جو). مياڻ- ڪوپو.
- خُومِچو ج خُومِچَا: ذ. [ف. خَوانچہ = خونچو- خومچو] ڪاٺي رکڻ جو وڏو ٿالهہ- طبق...
- خُونُ ج خُونَ: ذ [ف] ساهہ واري جي بدن جي پاڻيٺ- رت...
- خُوءِ: ث [ف] سُڀاءُ- عادت- لڇڻ...
- خَويشُ: ضمير [خويش = پاڻ] خود- پاڻ- پنِد. پنهنجو- صفت. ويجهڙائيءَ جو. قريبي- مائٽ- عزيز- رشتيدار، جيئن: 'اول خويش بعد درويش' (چوٽي).(٨)

**نوٽ:** جامع سنڌي لغات ۾ 'خواب' لفظ ۾ 'خ' جي اکر تي اعراب جو اختلاف سامهون آيو آهي. البت، ٻين لفظن ۾ 'خ' تي اعراب جي معاملي ۾ پيش، زبر ۽ خالي وارا لفظ ملن ٿا.

لغتن مان مٿيان فارسي لفظ چونڊيا ويا آهن، جيڪي 'خو' سان شروع ٿين ٿا. اهڙن فارسي لفظن ۾ اعراب جي نسبت 'خ' تي 'زبر ۽ پيش' نوٽ ڪيو ويو آهي؛ جڏهن تہ سُر آواز جي نسبت 'اُ، آ ۽ اي' جا آواز نوٽ ڪيا ويا آهن. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ جنهن صورت ۾ 'واؤ معدولہ' ڪونيو ٿو وڃي، ان صورت ۾ 'خ' تي ڪهڙي اعراب ڪم آندي وڃي، اهو هڪ معاملو سامهون اچي ٿو.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ عربي صورتخطيءَ جي نسبت 'واؤ ويڇو (تفريق)' بہ ڪم آندو ويندو آهي، جنهن ۾ 'واؤ' نہ پڙهيو ويندو آهي، بلڪ 'واؤ' اهو ڇاڻائيندو آهي تہ 'عمر' لفظ ۾ 'ع' کي زبر سان پڙهڻو آهي، جيئن: عمرو بن عاص/ عمرو بن عبدوَد/ عمرو عيار (هن لفظ کي 'عُمرو/ عُمر' پڙهڻ بجاءِ 'عَمر بن عاص' پڙهڻو هوندو آهي. يعني عربي صورتخطيءَ موجب 'واؤ ويڇو' اهو ڇاڻائيندو آهي تہ 'واؤ' کي ڇڏي/ گم ڪري، 'ع' کي زبر سان پڙهڻو/ اچارڻو آهي، جيئن: 'عَمر بن عاص'، 'عَمر بن عبدوَد' وغيره. جڏهن تہ عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ ان کي عربيءَ موجب





ئي 'عمرو بن عاص' يا 'عمرو بن عبدود' ئي لکڻو هوندو آهي.(٩)

صورتخطيءَ جو اهو ڍنگ انگريزيءَ ۾ پڻ آهي، جنهن ۾ مختلف ٻولين جي لفظن جي صورت کي بحال رکيو ويندو/ ويو آهي، جيئن:

Knight- Psychology- Schedule - Write- Rhythm- Chemistry etc.

'جامع سنڌي لغات' مان واؤ اشمام يا معدولہ جي سلسلي ۾ جيڪي لفظ نوٽ ڪيا ويا آهن تن کي هيٺين ٽن گروهن: 'اعراب' ۽ 'سُر آواز' پٽاندر ورڇ ڪجي ٿي:

## جامع سنڌي لغات مان 'خ' اکر جي اعراب پٽاندر ورڇ:

| 'خَ' تي زبر وارا | 'خُ' تي پيش وارا | 'خ' بغير اعراب وارا |
|---|---|---|
| خَواب آلوده | خُوابُ | خوجو- خوجا |
| خَوابُ خيال | خُوارج خُوار | خورُ |
| خَواجو | خُوب | خوراڪ |
| خَوارُ | خُود | ... |
| خَواستہ | خُود ڪُشي | ... |
| خَوان | خُودُ | ... |
| خَواندو | خُورُ | ... |
| خَواه | خُوردبيني | ... |
| خَواه مخَواه | خُورشيدُ | ... |
| خَواهش | خُوش | ... |
| خَول | خُوشبو | ... |
| خَويش | خُومچو | ... |
| ... | خُون | ... |
| ... | خُوءِ | ... |



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ’خ‘ سان سُر آواز (Vowel) جي اچار پٽاندر ورچ:

| ’آ‘ سُر آواز بيهندڙ | ’اُ‘ سُر آواز بيهندڙ | ’اُو‘ سُر آواز بيهندڙ | ’اي‘ سُر آواز بيهندڙ | ’او‘ سُر آواز بيهندڙ |
|---|---|---|---|---|
| خَواب آلوده(خاب آلوده) | خُواب(خُئاب) | خُون | خَويشُ(خيش) | خوجو |
| خَواب خيال(خاب خيال) | خُوار(خُئار) | خُوب | ... | خورُ |
| خَواجو(خاجو) | خُوارج خُوار(خُئارج خُئار) | خُوءِ | ... | خوراڪ |
| خَوار(خار) | خُود(خُد) | ... | ... | خَول(خول) |
| خَواسته(خاسته) | خُودڪُشي (خُدڪشي) | ... | ... | ... |
| خَوانُ(خانُ) | خُودُ(خُدُ) | ... | ... | ... |
| خَوان(خانْ) | خُورُ(خُر) | ... | ... | ... |
| خَواندو(خاندو) | خُوردبيني (خُردبيني) | ... | ... | ... |
| خَواه(خاه) | خُورشيدُ(خُرشيد) | ... | ... | ... |
| خَواهمَخَواه(خامخاه) | خُوش(خُش) | ... | ... | ... |
| خَواهش(خاهش) | خُوشبُو(خُشبو) | ... | ... | ... |
| ... | خُومچو(خُمچو) | ... | ... | ... |

## سائل ڪوش:

- خُوابُ (خابُ): م. ننڊ. ننڊ ۾ ڏٺل نظارو يا ڳالھ يا واقعو، سپنو، سهڻو.
- خُواجو (خاجو): م. مالڪ، ڏڻي، معزز انسان. ڪدڙو.
- خُواجِڪو: ص: خواجي سان واسطو رکندڙ.
- خُوارُ (خارُ): ص. بدنام، بيمانو، ذليل، ڪميڻو. دکي، پريشان، تباه، پائمال، بچڙو، عيب ڪيندڙ.
- خُواندو (خاندو) م. پڙهيل، تعليم يافته، ڄاڻندڙ.
- خُواهُ (خاهُ) ح.جملو. يا، توڙي. (مرڪب لفظن ۾) چاهيندڙ: جيئن ته





خيرخواه ڀلو چاهيندڙ. خُواهانُ: ص. اِڇڪ، چاهڪ، طالبُو.

- خُواهشَ: مو. اِڇا، مرضي، آرزو، ابلاشا، چاهنا.
- خُواهشمندُ: ص. آرزومند، اِڇاوان، چاهڪ.
- خُواه مَخُواه: ظ. هرويرو، خالي پيلي، زوريءَ.
- خُوبُ: ص. سٺو، ڀلو، عمدو، اُچو، شپ. وڻندڙ، موهيندڙ، دلڪش، ظ. جام، گهڻو، ڏاڍو، چڱيءَ طرح.
- خوبصُورت: ص. ٺاهوڪو، شڪيل، صورتوند، ڏج مَچ جهڙو.
- خُوبصورتي: مو. حسن، سونهن، جمال، سندرتا.
- خُوبي: مو. خاصيت، گڻ، نيڪي، ڀلائي. بهتري، ڪلياڻ، لاڀ، فائدو. سونهن، خوبصورتي.
- خوجو: م. ڪدڙو، هيجڙو، نپوسَڪُ، مُخَنَّثُ.
- خود (خُد) ض. پاڻ، پنڊ (گرامر ۾) هي لفظ فاعل کي زور وٺائڻ لاءِ به ڪتب ايندو آهي.)
- خود ثَنا. ص: پاڻ کي ساراهيندڙ، ايماني، ٻٽاڪي، ڊاڙي.
- خود پَرَستُ: خود غرض، آپسوارٿي. گهُمنڊي، مغرور.
- خود پَسندُ: ص. پاڻ کي بهتر سمجهندڙ. پاڻ مان خوش، پڏٹو، ٽرڙو.
- خود پَسندِي- خود دارُ- خود دارِي- خود رَو- خود غَرضُ- خود غَرضي- خود ڪُشِي- خود ڪَشِيدو- خود مُختيارُ- خود مختيارِي- خود مَطلَبُ- خودِي.
- خور (خُرَ) ڪائڻ: چالاڪي ڪرڻ. ستيا ڪرڻ، وڏي پَتي هوندي به ننڍي پٽي سان هٿ ڪٽڻ ڪٽڻ جي چالاڪي ڪرڻ.
- خوراڪَ (خُراڪ): مو. ڪاڌو، پوڄن، چوُڻو. هڪ وزن (دوا جو)، راتب، جانورن جو ڪاڌو، چارو، مغزيات ڀيل مٺائي يا ڪاڌو،روزانو ڀتو. خوراڪِي: ص. شڪتي ڏيندڙ.
- خورش (خُرِش): مو. ڪاڌو، غذا، طعام، ڪاج، قوُت. قُوَت ڏيندڙ ڪاڌو.
- خوردِ بُردِ (خُردِ بُردِ) پيسن هڙپ ڪرڻ يا ڦٻائڻ جي ڪريا، تَغلبُ، خيانت، غصب.

- خوردبِيني (خُردِبِينِي) مو. اوزار جنهن دوران ننڍي شَي وڏي ڏسڻ ۾ اچي. سوڪيمر درشڪ ينتر.
- خورِّدو (خُردو): مر. ننڍا سڪا، پرچوُڻ، ريزو.
- خورشيدُ (خُرشيدُ): مر. سج، سورج، آفتاب، شمس.
- خوشِ (خُش) شاد، پرسن. سکي، سنتُشٽ. چاق، چڱو ڀلو. راضي. بيماريءَ مان اُٿيل، سَڪرُ. عمدو، اعليٰ.
- خوشامَدِ: مو. مک اِستُتي، سڪٽي ساراهہ، چَٽَ، چاپلوسي. ناز برداري.
- خوشامَدڙيو- خوش باش- خوشبوُ، خوشبوُءِ- خوش تَقرِيرُ- خوش پوشاڪُ- خوش حالُ- خوشخبري- خوش خَط- خوش خُلُقُ- خوش خوراڪُ- خوشدِلِي- خوش طَبعُ- خوش طَبعي. خوش قِسمَت- خوش گَوارُ- خوش مزاجُ- خوش نَصيبُ- خوشنوُدُ- خوش نَوِيسُ-
- خوُمچو: مر. سنئون تراڪڙو ۽ ڪَنيءَ وارو ٿانءُ، جنهن ۾ ڪاڏو وغيره ڪٽي وجي سگهجي، طبق.
- خوُنُ: مر. رت، لوهوُ، جيوِهتيا، ڪيِسُ، هچا، وَڏُ، ڪوس، قتل، گهات، مردمر ڪُشي.
- خوُن آلوُدُ- خونُ بَها- خونخوار- خوُنِريزُ- خوُنريزي- خوُنِي-
- خوُءِ: مو. سڀاءُ، مزاج، عادت، خصلت، ريت، راوج.
- خوئِدُ: مر. جَوَن جو اڻ پڪل فصل جيڪو چاري طور ڪتب آڻجي.
- خويشُ (خيشُ): مر. مائٽ، عزيز، رشتيدار. ض. پاڻ، خود.(١٠)

نوٽ: سائل ڪوش ۾ اعراب جي معاملي ۾ 'خ' تي جزم جو استعمال ڪيو ويو آهي، 'خ' تي زبر جو استعمال هن لغت ۾ ڪونهي. البت، چند اهڙن لفظن جي 'خ' تي 'پيش' ڪمر آندو ويو آهي، جن جو اچار سُر آواز 'اُو' سان اچي ٿو، جيئن: خُون. هن لغت ۾ لفظ جي 'صورتخطيءَ' سان گڏ ان جي اچار ڪي ڏنگيءَ ۾ رکيو ويو آهي. (جڙيا سنگهاٽيءَ ڊگهن سُرن (واؤ معروف ۽ يي معروف) جي اعراب (اوُ ۽ اِي) اوائلي صورتخطيءَ پٽاندر رکي آهي، جيڪا اختلافي آهي، جنهن تي الڳ سان ڪمر ڪرڻ جي گهرج آهي.)





## سائل ڪوش مان 'خ' اکر جي اعراب پٽاندر ورڇ:

| 'خَ' تي جزم وارا | 'خُ' تي پيش وارا | 'خ' بغير اعراب وارا |
|---|---|---|
| خّوابُ (خابُ) | خُوب- خوبصورت- خوبصورتي- خُوبي | خود (خُد)- خود ثنا- خود پرستُ- خود پسند- خود مختيارُ- |
| خّواجو (خاجو)- خّواجڪو | خُومچو | خور (خُرَ) |
| خّوار (خارُ) | خُونُ- خُون آلوده- خُون بَها- خونخوار- خُونخوار- خُونريزي- خُوني | خوراڪَ (خُراڪ)- خورش (خُرِش) |
| خّواندو (خاندو) | خُوءِ | خوردِ بُردِ (خُردِ بُردِ) |
| خّواهُ (خاه)- خّواهانُ- خّواهش - خّواهشمندُ- خّواه مَخّواه | … | خوردِبيني (خُردبِينِي) |
| | | خورشيدُ (خُرشيدُ) |
| … | … | خوش (خُش)- خوشامَد- خوشامَدڙيو- خوشخبري- خوشخط- خوش مزاج- خوش خُلق- خوش خوراڪ- خوشدِلي- خوش طبعُ- قسمت- خوشگوارُ- خوش مزاج- خوش نصيب- خوشنُودُ- خوش نويسُ |
| … | … | خوئِد |
| … | … | خويشُ |

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ’خ‘ سان سُر آواز (Vowel) جي اچار پٽاندر ورڇ:

| ’آ‘ سُر آواز بيهندڙ | ’اَ‘ سُر آواز بيهندڙ | ’اُو‘ سُر آواز بيهندڙ | ’اي‘ سُر آواز بيهندڙ | ’او‘ سُر آواز بيهندڙ |
|---|---|---|---|---|
| خَوابُ (خابُ) | خود (خُد)- خود ثنا- خود پرستُ- خود پسند- خود مختيارُ- | خُوب- خوبصورت- خوبصورتي- خُوبي | خويشُ (خيشُ) | خوئِد |
| خَواجو (خاجو)- خَواجڪو | خور (خُرَ) | خُومچو | ... | ... |
| خَوار (خارُ) | خوراڪَ (خُراڪ)- خورش (خُرِش) | خُونُ- خُون آلوده- خُون بَها - خونخوار- خُونخوار- خُونريزي- خُوني | ... | ... |
| خَواندو (خاندو) | خوردِ بُردِ (خُردِ بُردِ) | خُوءِ | ... | ... |
| خَواهُ (خاه)- خَواهانُ - خَواهش- خَواهشمندُ- خَواه مَخَواه | خوردبِيني (خُردبِينِي) | ... | ... | ... |
| | خورشيدُ (خُرشيدُ) | ... | ... | ... |
| ... | خوش (خُش)- خوشامَد- خوشامَدڙيو- خوشخبري- خوشخط- خوش مزاج- خوش خُلق- خوش خوراڪ- خوشدِلي- خوش طبعُ- قسمت- خوشگوارُ- خوش مزاج- خوش نصيب - خوشنُودُ- خوش نويسُ | ... | ... | ... |





## ڇنڊڇاڻ:

مٿين چونديل لفظن کي جيڪڏهن ’واؤ اشمام/ معدوله‘ جي دائري ۾ ڏسجي ٿو ته لفظن جي اعراب ۾ ڪافي اختلاف نظر اچي ٿو. ٿيڻ ائين ڪپندو هيو، ته ساڳئي گهاڙيٽي وارا لفظ ساڳئي آواز جي بنياد تي ’اشمام‘ جي دائري ۾ اچن ها، ليڪن هتي ائين ٿئي ڪونه پيو. ايتري قدر، جو هڪ لفظ ’خواب‘ جون ٽي ٽي صورتون: ’خُواب، خَواب‘[11] ۽ ’خِواب‘[12] پيون اچن. اهڙي حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ ’خواب‘ جي ٽن صورتن مان ڪنهن هڪ صورت کي ترجيح ڏيڻ گهرجي. مٿين لفظن جي اپياس مان چند نڪتا پيش ڪجن ٿا:

- **اعراب جو معاملو**

جامع سنڌي لغات ۾ ’خ‘ تي زبر ۽ پيش ڪم آيل آهي، جڏهن ته سائل ڪوش ۾ ’خواب‘ (۽ ان گروه وارن لفظن) جي ’خ‘ تي ’جزم‘ ڪم آندل آهي، جنهن مان مراد ’زير، زبر يا پيش‘ نه، بلڪ خالي. جڏهن لفظ ’خواب‘ ۾ ’واؤ اشمام/ معدوله‘ ڪان پوءِ اصولي طور تي ’الف‘ اچي ٿو ، ان حالت ۾ [خاب] واري اچار کي مناسب سمجهي، ’خواب‘ ۾ ’خ‘ کي بنا اعراب واري صورت (يعني جزم به نه) کي ترجيح ڏجي ٿي، جنهن ۾ ڪنهن به مونجهاري جو امڪان نه ٿو رهي.

- **واؤ اشمام جي دائري ۾ ايندڙ لفظ**

مولانا محمد حسين آزاد پنهنجي راءِ ڏيندي ٻڌايو آهي ته ڪنهن لفظ ۾ ’خو‘ کان پوءِ ’ا، د، ر، ز، س، ش، ن، ه ۽ ي‘ مان ڪو اکر اچي ته اهڙن لفظن جو واؤ اشمام/ معدوله سمجهيو ويندو. جيئن: ا: خواب، د: خود، ر: خور - خورد- خورشيد، ز: خوزم (ابر)، س: خوست، ش: خوش، ن: آخوند (نون گهُٽو/ غنو)، هه: خوهله- خوهل.

مولانا حسين آزاد، اچار جي سلسلي ۾ ٻڌائي ٿو ته هي واؤ صرف لکيو ويندو آهي، پر پڙهڻ ۾ اڌ زير ۽ اڌ پيش محسوس ٿئي ٿو. يعني مولانا اڻ- سڌيءَ طرح اعراب ڪم آڻڻ جي حق ۾ ناهي.

- جامع سنڌي لغات ۾ اشمام/ معدوله جا جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، سي ٽن قسمن جا آهن: ضمه، فتحه، ڪسره. ان جي دائري جا جيڪي مثال ڏنا

ويا آهن، سي بہ مناسب آهن، جيئن:

- اِشمامِ ضمّہ: ’خ، د ۽ ش‘ جي وچ ۾ واؤ جو آواز گم ٿيڻ ۽ پيش جو آواز حاصل ڪرڻ (جيئن: ’خود‘ = خُد، ’خوش‘ = خُش).
- اِشمامِ فَتحہ: (جيئن: خواب = خاب، خواهش = خاهِش).
- اِشمامِ ڪَسره: (جيئن: خويش = خيش)

اهڙن مثالن ڏسڻ بعد اهو ئي اخذ ٿئي ٿو تہ اهڙا لفظ جيڪي ’پيش، زبر ۽ زير‘ جي دائري ۾ ڏسيا ويا آهن، تن ۾ ڪا لچڪ ڪونهي؛ البت، انهن سان ملندڙ جلندڙ لفظن جي اچارن ۾ فرق نوٽ ڪيا ويا آهن. جيڪي لفظ ’واؤ اشمام‘ جي دائري موجب پورا لهن ٿا، تن تي اعراب ڏيڻ جي ڪا گهرج ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ، جڏهن انهن لفظن جو ’واؤ‘ اشمام ڪجي ٿو تہ انهن جو اچار ان ڪان سواءِ بيهي ٿو، جيئن:

- خوش > خُش
- خواب > خاب
- خويش > خيش

جڏهن اهڙن لفظن جا اچار واضح انداز ۾ مذڪوره حالتن ۾ بيهن ٿا، تہ ان حالت ۾ ’خ‘ تي اعراب جي ڪابہ گهرج پيش نہ ٿي اچي. رهندو، اهڙن لفظن تي اعراب، مونجهارو پيدا ڪري ٿي. اهڙيءَ حالت ۾ ’خوش، خواب ۽ خويش‘ تي ڪابہ اعراب ڪم نہ آڻڻ گهرجي.

**وضاحت**: عربي صورتخطيءَ نسبت ’خَا‘ تي زبر ڪم آندي ويندي آهي، جڏهن تہ سنڌي صورتخطيءَ تي اهڙي زبر ’اضافي‘ ڄاتي وئي آهي. بيشڪ ان ڪي ’فتحہ اشمام‘ ڪوٺيو ويو آهي، ليڪن لازمي ناهي تہ ان ڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪم آڻجي. مذڪوره اصطلاح صرف خيال خاطر ڏسيا ويا آهن، ضروري ناهي تہ انهن جي نالن نسبت ’اعراب‘ بہ ڪم آڻجي!

- **’واؤ اشمام‘ جي دائري ڪان ٻاهر ايندڙ لفظ**

١. فارسي لفظن: ’خُون، خُوب، خوجو، خول ۽ خوءِ‘ ۾ موجود ’واؤ‘، اشمام جي دائري ۾ نہ ٿا اچن، ڇاڪاڻ تہ انهن لفظن جي امڪاني





پڙهڻي ’خُن/ خُب/ خُجو/ خُل/ خُئہ‘ نہ رهي آهي.

- **’واؤ اشمام‘ جي دائري پٽاندر لچڪ رکندڙ لفظ**

٢. ’خورُ، خوراڪ‘ جي اچار ۾ لچڪ رهي ٿي، يعني انهن جون امڪاني پڙهڻيون: ’خور/ خُر ۽ خوراڪ/ خُراڪ‘ بہ ٿين ٿيون. ائين ئي ’خوار ۽ خواب‘ ۾ بہ ڄاڻايل ’واؤ اشمام‘ جي دائري ۾ لچڪ محسوس ٿئي پئي، ڇاڪاڻ تہ اهڙن لفظن جي امڪاني پڙهڻي/ اچار [خُئار ۽ خُئاب] بہ ٿئي ٿي.

## نتيجو:

فارسي لفظن ۾ ’خو‘ سان شروع ٿيندڙ لفظن جو، ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ جي نسبت جائزو ورتو ويو، جنهن جو حاصل مطلب هيٺين ريت مليو:

- ’واو اشمام/ معدولہ‘ مان مراد ڪنهن لفظ ۾ ’خ‘ بعد ايندڙ ’واؤ‘ ڪي گم ڪري ٻئي اکر سان ملائي پڙهڻ آهي. ان جا ٽي نمونا ڄاڻايا ويا آهن: اشمام ضمّہ (خود = خُد، خوش = خُش)، اشمام فتحہ (خواب = خاب، خواهش = خاهِش) ۽ اشمام ڪسره (خويش = خيش).
- ’خو‘ سان شروع ٿيندڙ فارسي لفظن جو جائزو، لفظن ۾ موجود ’واؤ‘ پنجن قسمن جي سُر آوازن (Vowels): ’اُ، آ، او، اُو، اي‘ جي تبديليءَ سان نوٽ ڪيو ويو.
- مولانا محمد حسين آزاد موجب، واؤ معدولہ هميشه ’خ‘ ڪان پوءِ ايندو آهي، واؤ بعد ’ا، د، ر، ز، س، ش، ن (گهُٽو/ غنو)، هہ ۽ ي‘ جا اکر اچن ٿا. يعني ’خو‘ ڪان پوءِ ڄاڻايل اکرن ڪان سواءِ ٻين اکرن سبب اهڙي ’واؤ‘ ڪي اشمام/ معدولہ ۾ شمار نہ ڪبو.
- ’خو‘ سان شروع ٿيندڙ لفظن جي جائزي بعد اهو معلوم ٿيو تہ ڪي لفظ ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ جي دائري ۾ اچن ٿا، تہ ڪي، اچار جي بنياد تي، ان جي غير موجودگي ظاهر ڪن ٿا.
- جيڪي لفظ ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ جي دائري ۾ نہ ٿا اچن، تن تي گهرج



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

آهر اعراب ڏئي يا هٽائي سگهجي ٿي، جيئن: ’خُون، خُوب ۽ خُومچو‘.

- ساڳئي لفظ ’خواب‘ جي نسبت، اعراب جو اختلاف سامهون آيو آهي، اهڙي حالت ۾ ’اعراب‘ نہ ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي: ڇاڪاڻ تہ ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ مان مراد ئي ان کي گم ڪري پڙهڻ آهي، جنهن جو ڪم ئي ايندڙ سُر آواز (Vowel) ڏانهن اُچل يا اڳئين اکر ’خ‘ تي پاڙمرادو اعراب ڏيارڻ آهي.

- لفظ: ’خود، خوش، خواب، خويش وغيره ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ جي دائري ۾ اچن ٿا، ان حالت ۾ انهن تي اعراب ڏيڻ جي ڪا گهرج پيش نہ ٿي اچي.

- جيئن عربي صورتخطيءَ موجب ’عمرو بن عاص‘، ’عمرو بن عبدود‘ وغيره ۾ ’واؤ ويڇي/ تفريق‘ نسبت، ’ع‘ تي زبر نہ ٿي ڏني وڃي، اهڙي انداز سان، اِيياس پٽاندر، فارسي لفظن ۾ ’واؤ اشمام/ معدولہ‘ جي صورت ۾ اعراب نہ ڏيڻ جي راءِ رکجي ٿي.

## حوالا

١. بيگ قليچ، مرزا، ’سنڌي وياڪرڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٦ع، ص: ٧٢.
٢. شيخ، واحد بخش، ’سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو‘، ڀاڱو پهريون، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٦ع، ص: ٢٤.
٣. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘، جلد ١ ۽ ٣، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٦٠ع، ١٩٨٤ع، ص: ٢٠٢)
٤. نير، نور حسن، مولوي، ’نور اللغات‘، جلد ٢، اسلام آباد نيشنل بُڪ فائونڊيشن، ٢٠٠٦ع، ص: ١٩٨٨ع.
٥. دہلوی، سید احمد، ’فرہنگ آصفیہ‘ جلد4، لاہور سنگ میل پبلیکیشنز، 2002ع، ص:371۔
٦. فيروزالدين، مولوي، ’فيروز اللغات‘ (عربي-اردو)، فيروز سنز لميٽيڊ لاهور، ١٩٧٩ع، ص: ٤٣٣.
٧. آزاد، محمد حسین، مولوی، ’جامع القواعد‘ سیکنڈری ایجوکیشن بورڈ، لاہور، 1957ع، ص:231۔





٨. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘ جلد-١ ۽ ٣، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٤ع، ص: ١١٥٥-١١٦٨.
٩. عبدالسلام، محمد هارون، ’قوائد الاملاءِ‘، دار فراس للنشر ۽ التواريخ، ١٩٨٦ع، ص: ٣٣.
١٠. جڙيا سنگهاڻي، سترامداس سائل، پروفيسر، ’سائل ڪوش‘ ڪويتا پبليڪيشن، ٢٠٠٩ع، ص: ٢٣٧، ٢٣٨.
١١. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر، ’جامع سنڌي لغات‘، جلد ١ و ٣، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٨٤ع، ص: ١١٥٥.
١٢. جڙيا سنگهاڻي، سترامداس سائل، پروفيسر، ’سائل ڪوش‘ ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠٠٩ع، ص: ٢٣٧.